LEGAL AID OFFICE

SINDH PRISONS

# جيل جا قانون

# رعايت

هي معلومات توهان کي ليگل ايڊ افس ۽ سنڌ جي جيل کاتي جي مدد سان ڏني پئي وڃي.
هي ڪتابچه وومن ڊولپمينٽ ڊپارٽمينٽ (حڪومت سنڌ) جي ساهڪار سان ڇپرايو ويو آهي.

## پيراليگل سروسز / خدمتون

قانوني مدد ۽ رهنمائي لاءِ اوهان ليگل ايڊ سوسائٽي سان گنڊيل وڪيلن سان رابطو ڪري سگهو ٿا جيڪي هرروز جيل ۾ ايندا آهن، وڌيڪ معلومات لاءِ جيل جي سپرنٽنڊنٽ سان رابطو ڪري سگهوٿا

ليگل ايڊ سوسائٽي پراليگل ٽريننگ پروگرام پڻ ڪرائندي آ هي، اهي پراليگل اوهان کي ڪنهن مفت قانوني مدد ڪندڙ وڪيل سان پڻ رابطو ڪرائي سگهن ٿا جيڪي توهان جي ڪيس ۾ مدد ڪري سگهي ٿو ليگل ايڊ سوسائٽي پاران تربيت ڏنل پراليگل جيل اندر پيدا ٿيندڙ جهيڙن کي حل ڪرائڻ ۾ پڻ مدد ڏئي سگهن ٿا، انهن پراليگلز کي قانون، آئين، سرڪار بنيادي حقن، ڏوهه جي قانونن ۽ ڏوهي ڪيسن جي پڌٽي، سزا ڏيڻ جي عمل، پوليس جي اختيارن، شهرين جي حقن ۽ ڪرمنل پروسيجر، فيملي لاز، وراثت، جائيداد جي قانونن، جوئينائيل جسٽس، پروبيشن، پرول ۽ قيدين جي قانونن بابت تربيت ڏني ويندي آهي.

اوهان ڪنهن کي به بڌائي سگهو ٿا ته هن 0800-70806 فون نمبر تي فون ڪري مفت قانوني صلاح وٺي سگهي ٿو، اهو اوهان جو مددگار به ٿي سگهي ٿو ۽ جيڪڏهن اوهان کي به ڪو قانوني مسئلو درپيش هجي ته ان کي به منهن ڏئي سگهي ٿا.

## چا پرهائ ڪرڻ تي به رعايت ملي سگهي ٿي؟

شق 215 جيل مينوئل ) هڪ سزا مليل قيدي هيٺ ۾ ڄاڻايل) امتحانن ۾ ويهڻ سان سزا ۾ رعايت حاصل ڪري سگهي ٿو، جيڪڏهن هن اڳ ۾ اهڙو ڪو امتحان پاس نه ڪيو هجي پر شرط اهو آهي ته ڪيس سپرنٽنڊنٽ پاران سنٽي وهنوار جو سرٽيفڪيٽ ڏنو ويو هجي

| نمبر | امتحان جو نالو |
|---|---|
| 1 | يونيورسٽي جا امتحان |
| 2 | بورڊ آف سيڪنڊري ايجوڪيشن جا امتحان |
| 3 | ڊائريڪٽر ڊسٽرڪٽ آف ايجوڪيشن جا امتحان |
| 4 | ڊسٽرڪٽ ايجوڪيشن آفيسر جا امتحان |
| 5 | (اورينٽل لئنگئيج امتحان (عربي، اردو، بنگالي، پنجابي، فارسي، سنڌي ۽ پشتو |
| 6 | (پرائمري ڪلاس امتحان (ڊسٽرڪٽ ايجوڪيشن آفيسر پاران ورتل |
| 7 | قرآن شريف پڑهڻ جو امتحان |
| 8 | قرآن شريف سمجهڻ ۽ معني جو امتحانٰ |
| 9 | (قرآن شريف کي دل سان ياد ڪرڻ (حافظ قرآن) جو امتحان |
| 10 | گيتا ۽ بائيبل پڑهڻ ۽ سمجهڻ، (هندو يا مسيحي قيدي هجڻ جي صورت ۾ (به ڪيس رعايت نه لي سگي ٿي |

## چا رت جو تحفو ڏيڻ سان آئون رعايت جو حقدار ٿي سگهان ٿو؟

پي پي آر 2011، رول 221 (1) هڪ سزا مليل قيدي کي سندس ميڊيڪل فٽنيس جي بنياد تي رت جو تحفو ڏيڻ جي اجازت هوندي ۽ ان تحفي ڏيڻ ٿي ڪيس هن کي 30 ڏينهن جي وڌيڪ رعايت ملندي.

| نمبر | قيد جو مدو | قيد جي نوعيت / قسم | هر رت جي تحفي وچ ۾ وقفو | تحفو عطيو ڏيڻ جي حد |
|---|---|---|---|---|
| 1 | هڪ مهيني کان 6 مهينا | سادي، يا پورهئي سان يا ڏنب بدران | -- | هڪ ڀيرو صرف |
| 2 | 6 مهينن کان وڌيڪ سالن تائين 5 | سادي، يا پورهئي سان يا ڏنب بدران | 6 مهينا | 3 ڀيرا |
| 3 | 5 سالن کان وڌيڪ | پورهئي سان | 6 مهينا | 4 ڀيرا |

## ٽوٽل/ ڪل ڪتيري رعايت ملي سگهجي ٿي؟

شق 217، جيل مينوئل) - ٻنهي عام يا خصوصي رعايتن جي ڪُل حد جيڪا هڪ قيدي کي ملندي، رول 212 هيٺ رت جو تحفو ڏيڻ تي ملندڙ رعايت، رول نمبر 213 هيٺ جم روڪ آپريشن ڪرائڻ ۽ رول نمبر 215 تحت امتحان پاس ڪرڻ لاءِ ملندڙ رعايت ڪانسواءِ، قيد جي مدي جي ڪل ٽئين حصي کان وڌيڪ نه هوندي ۽ جيڪڏهي حڪومت چاهي ته انسپيڪٽر جنرل جي سفارشي تي ٽئين حصي واري حد کان وڌيڪ رعايت ضرورتمند يا اهم ڪيسن ۾ ڏئي سگهي ٿي.

## رعايت ڇا آهي؟

رعايت هڪ اهڙوطريقو آهي جنهن ۾ هڪ قيدي جنهن کي هڪ سزا طور يا ڳنڍيل سزائن طور چار مهينا يا ان کان وڌيڪ قيد جي سزا ڏني وڃي ڪيس، وقت کان اڳ آزادي ملي سگهي ٿي.

اها رعايت ڳو ان صورت ۾ ملندي آهي جڏهن قيدي پنهنجي سزا جو ٽيون حصو پورو ڪري چڪو هجي-شق نمبر 199 جيل مينوئل

## آئون رعايت ڪيئن وٺي سگهان ٿو؟

گهٽو ڪري رعايت قيدي کي هيٺ ڄاڻايل طريقيڪار هيٺ ملندي آهي.

- في مهينو 2 ڏينهن چڱي طرح ۽ جيل جي قاعدن تي بهتر نموني عمل ڪرڻ
- ڏينهن في مهينو جيل فيڪٽري ۾ ڪم ڪرڻ يا روزاني جي 3 ڏنل ڪم ڪار جي بهتر نموني ڪرڻ.

گهٽو ڪري رعايت جيل ۾ خدمتن تي مقرر ڪيل قيدين کي هڪ مخصوص شرح سان خدمت عيوض ڏني ويندي آهي-شق 204 جيل مينوئل

| نمبر | ڪم | چال چلڻ جي معافي | ڪم جي معافي | في مهينو رعايت |
|---|---|---|---|---|
| 1 | مقدم | 2 ڏينهن | 5 ڏينهن | 7 ڏينهن |
| 2 | نمبردار | 2 ڏينهن | 4 ڏينهن | 6 ڏينهن |
| 3 | شنپوش | 2 ڏينهن | 6 ڏينهن | 8 ڏينهن |
| 4 | بورچي | 2 ڏينهن | 5 ڏينهن | 7 ڏينهن |
| 5 | تعليمي استاد | 2 ڏينهن | 6 ڏينهن<br>25 رپيا الڳ سان ڏنا ويندا | 8 ڏينهن |
| 6 | صفائي ڪارڪن | 2 ڏينهن | 6 ڏينهن | 8 ڏينهن |

## رعايت ڪڏهن کان ڳڻي ويندي؟

رعايت قيدي کي سزا ملڻ بعد اينڊڙ ڪئلينڊر مهيني جي پهرين تاريخ کان ڳڻي ويندي آهي

اهو قيدي جيڪو سندس سزا معطل ٿيڻ ڪري يا ضمانت منظور ٿيڻ ڪري جيل مان آزاد ٿيو هجي، ان کي جيڪڏهن بعد ۾ پيهر جيل موڪليو اماڻيو وڃي ٿو، ته ان کي به رعايت مان جيل واپسي کان پوءِ اينڊڙ ڪئلينڊر مهيني جي پهرين تاريخ کان آندو ويندو، هن کي آزادي کان اڳ مڪمل يا رول (ii) سب رول (II) ٿيل رعايت جو به فائدو ڏنو ويندو 204 هيٺ قيدي کي ڏنل رعايت سندس ملازمت ۾ مقرري کان پوءِ اينڊڙ مهيني جي پهرين تاريخ کان ڳڻي ويندي-شق 206، جيل مينوئل

## سنورهڻ سهڻ تي ساليانى رعايت ڇا هوندي آهي؟

هر قيدي ان قانون هيٺ عام رعايت جو مستحق هوندو آهي، جيڪو سندس سزا يا پيهر جيل ۾ اچڻ واري تاريخ کان پوءِ اينڊڙ مهيني جي پهرين تاريخ کان هڪ سال تائين جيل ۾ هجي ۽ مٿس جيل ۾ ڪنهن به قانوني پچڪڙي جي سزا نه لڳي هجي، يا جيل قانون جي پچڪڙي جي سزا ملڻ کان پوءِ اينڊڙ مهيني جي پهرين تاريخ کان پوءِ هڪ سال تائين جيل ۾ رهيو هجي، ڪيس 15 ڏينهن جي عام رعايت ۽ ان سان گڏ جيڪڏهن ڪيس ڪا بي رعايت حاصل ٿي هجي ته اها به ڪيس ڏني ويندي.

مثال : جيڪڏهن هڪ قيدي کي 2 سال سخت پورهئي سان سزا 14 جولاءِ 2016ع تي ڏني وئي هجي ته ڪيس پهرين آگسٽ 2017ع تي 15 ڏينهن جي سٺي وهنوار تي رعايت ملي سگهي ٿي پر، شرط اهو آهي ته هن کي انهي مدي وقت دوران جيل قانونن جي پچڪڙي تحت ڪا به سزا نه ملي هجي.

هڪ قيدي جنهن پنهنجي سزا جا 3 سال مڪمل ڪيا هجن ۽ ان دوران ڪيس ڪا به سزا نه ڏني وئي هجي ته، ڪيس ساليانى 15 ڏينهن واري رعايت کان سواءِ ٽن سالن جي خاتمي تي سٺي وهنوار تي وڌيڪ 30 ڏينهن جي رعايت پڻ ڏني ويندي پر شرط اهو آهي ته حاصل ڪيل پوري رعايت ڪنهن به صورت ۾ قانون هيٺ وڌ کان وڌ رعايت کان (وڌيڪ نه هجي-شق 211 جيل مينوئل

## ڇا ڪجهه پيون به خصوصي رعايتون آهن.؟

ڪجھ رعايتون اوهي آهن جيڪي هڪ جنم ٽيپ واري قيدي کي ملنديون آهن، اهي ڪنهن به صورت ۾ ايتريون نه هونديون جو جنم ٽيپ جو وقت مدو 15 سالن کان گهٽ ٿئي.

سزا معطل يا ختم ڪرڻ جا اختيار، رعايت ۾ رعايت جڏهن ڪنهن ماڻهو کي ڪنهن ڏوهه ۾ قيد جي سزا ڏني ٿي وڃي ته صوبائي حڪومت ڪنهن به وقت بنا ڪنهن شرط جي يا ڪنهن شرط تي ڪيس ان ڏوهه لاءِ مليل جو ڪو حصو يا پوري سزا کي ڪجھ وقت لاءِ ختم يا هميشه سي آر پي سي 401 (i) لاءِ ختم ڪري سگهي ٿي سيڪشن